# سنڌ آرڊيننس نمبر V مجريہ 2003

# SINDH ORDINANCE NO.V OF 2003

# سنڌ فشريز (ترميم) آرڊيننس، 2003

# THE SINDH FISHERIES (AMENDMENT) ORDINANCE, 2003

## (CONTENTS) فهرست


تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

2. 1980 جي سنڌ آرڊيننس نمبر III جي دفعہ 2 جي ترميم

Amendment of Section 2 of Sindh Ordinance No.III of 1980

3. 1980جي سنڌ آرڊيننس نمبر III جي دفعہ 21 جي ترميم

Amendment of Section 21 of Sindh Ordinance No.III of 1980

# سنڌ آرڊيننس نمبر V مجريہ 2003

# SINDH ORDINANCE NO.V OF 2003

# سنڌ فشريز (ترميم) آرڊيننس، 2003

# THE SINDH FISHERIES (AMENDMENT) ORDINANCE, 2003

[1 نومبر، 2003]

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ فشريز آرڊيننس، 1980 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ سنڌ فشريز آرڊيننس، 1980 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پيو آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

۽ جيئن تہ صوبائي اسيمبلي جو اجلاس هلندڙ نہ آهي ۽ سنڌ جو گورنر مطمئن آهي تہ موجوده حالتن ۾ هنگامي قدم کڻڻ ضروري ٿي پيو آهي؛

هاڻي، تنهن ڪري، اسلامي جمهوريہ پاڪستان جي آئين جي آرٽيڪل 128 جي شق (1) تحت مليل اختيارن کي استعمال ۾ آڻيندي، سنڌ جي گورنر هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

مختصر عنوان ۽ شروعات

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ فشريز (ترميم) آرڊيننس، 2003 سڏيو ويندو.

| | |
|---|---|
| (2) هي فوري طور تي لاڳو ٿيندو. | Short title and commencement |
| 2. سنڌ فشريز آرڊيننس، 1980 ۾، جنهن کي هن کانپوءِ بہ ڄاڻايل آرڊيننس سڏيو ويندو، ان جي دفعہ 2 ۾، شق (m) کانپوءِ، هيٺين نئين شق شامل ڪئي ويندي:<br>"(mm) "ڄار" جنهن ۾ شامل آهي، ڪو ڄار جيڪو هن آرڊيننس جي مقصد لاءِ حڪومت طرفان اعلان ڪيو ويو هجي."، | 1980 جي سنڌ آرڊيننس نمبر III جي دفعہ 2 جي ترميم<br>Amendment of Section 2 of Sindh Ordinance No.III of 1980 |
| 3. ڄاڻايل آرڊيننس جي دفعہ 21 جي ذيلي دفعہ (1) لاءِ هيٺين ريت متبادل ٿيندو:<br>"(1)جيڪو بہ دفعہ 4 جي ڪنهن گنجائشن جي ڀڃڪڙي ڪندو ان کي قيد جي سزا ڏني ويندي، جيڪا هڪ سال تائين وڌيڪ سگهي ٿي يا ڏنڊ جيڪو پنجاهہ هزار رپين تائين وڌي سگهي ٿو يا ٻئي گڏ."،<br>"(1A) جيڪو بہ دفعات 5، 7 يا 8 جي ڪنهن بہ گنجائش جي ڀڃڪڙي ڪندو ان کي قيد جي سزا ڏني ويندي، جيڪا ڇهن مهينن تائين وڌي سگهي ٿي يا ڏنڊ جيڪو ڏهہ هزار رپين تائين وڌي سگهي ٿو يا ٻئي گڏ."<br>**نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.** | 1980جي سنڌ آرڊيننس نمبر III جي دفعہ 21 جي ترميم<br>Amendment of Section 21 of Sindh Ordinance No.III of 1980 |